www.dailymehran.com.pk

Reged: No. SC-NS-44 — ABC CERTIFIED — ABC کان باقاعده تصديق ٿيل

THE DAILY MEHRAN HYD (SINDH)

روزانه مهراڻ

چيف ايڊيٽر
فقير منٺار مگريو

حيدرآباد، سنڌ

جلد (70) اڱارو 11 جولاءِ 2023ع بمطابق 22 ذوالحج 1444هه شمارو (188) قيمت 20 رپيا

پاڪستان بابت مايوسي واريون ڳالهيون ڪندڙ غلط پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن، هڪ سال ۾ معيشت ٺيڪ ٿي ويندي: آرمي چيف

ملڪ ۾ مانهو مايوسي ۽ حوصلو ٽٽڻ واريون ڳالهيون ڪن ٿا پر ايئن نه آهي، وزيراعظم زرعي منصوبي جي شروعات ڪئي آهي، ان تي پاڪستان آرمي سنڌس مڪمل ساٿ ڏيندي

ان منصوبي تي عمل درآمد سان ملڪي معيشت هڪ سال ۾ صحيح رخ ۾ اچي ويندي، اسان سڀ هٿن پاڪستان کي هڪ ڀيرو ٻيهر سرسبز ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، اسان باصلاحيت قوم آهيون، ملڪي ترقي ۽ گڏجي حصو وٺڻ جي ضرورت آهي

پاڪستان کي ترقي جي منزل طئي ڪرڻي آهي ۽ دنيا جي ڪا به طاقت ان کي ترقي ڪرڻ کان نه ٿي روڪي سگهي، اسان وٽ هر قسم جي صلاحيت موجود آهي جيڪا پاڪستان کي عروج تي کڻي ويندي

جنرل عاصم منير بطور آرمي چيف پهريون ڀيرو ڪنهن وڏي ميڙاڪٺ کي سڌي ريت خطاب ڪيو، آرمي چيف قرآني آيت پڙهي پاڪستان جي حالتن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، قرآني آيت پڙهڻ دوران هال ۾ الله اڪبر جا نعرا گونجي اٿيا

ڪراچي (م ڊ) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي ته زرعي سڌارن سان پاڪستان جي معيشت هڪ سال ۾ درست رخ ۾ اچي ويندي، پاڪستان بابت مايوسي واريون ڳالهيون ڪندڙ غلط پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن، اسلام آباد ۾ فوڊ سيڪيورٽي جي حوالي سان سيمينار / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 11

توشه خاني ڪيس جي ٻڌڻي جوڳي هجڻ جو تفصيلي فيصلو جاري

اليڪشن ڪميشن جوابدار جي خلاف قانوني ڪارروائي جي درخواست تي ايڊيشنل سيشن جج 11 صفحن تي ٻڌل تفصيلي فيصلو ٻڌايو

احتساب کان ڇوٽ ڪنهن فرد کي حاصل نه آهي خاص ڪري جڏهن فراڊ جي ڳالهه هجي: عدالت

اسلام آباد (اين اين آءِ) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 10

چڙ ڏياريندڙ بيانن سان دهشتگردي ٿي ته ذميوار غير ملڪي ايجنٽ هوندو: مريم اورنگزيب

هي شخص ڪوڙو، دوکي باز، فراڊي ۽ ذهني مريض آهي، جنهن جو مرض لاعلاج آهي، سنڌس مرض ڪوڙ ڳالهائڻ، فراڊ ڪرڻ، سازش ۽ فتنو مچائڻ آهي

جيڪڏهن ڪنهن جو خيال آهي ته لاڏالي کي رعايت ڏئي ملڪ ۽ قانون جي بالا دستي قائم ٿي سگهي ٿي ته اها هڪ غلط فهمي آهي

لاهور (م ڊ) سڌ سماد جي وفاقي وزير مريم اورنگزيب لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته چڙ ڏياريندڙ بيانن سان دهشتگردي ٿي ته ذميوار غير ملڪي ايجنٽ هوندو هي شخص ڪوڙو، دوکي باز / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 17

لاهور: سڌ سماد واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪندي

وزيراعظم شهباز شريف ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو سياڻي ڪنڊا سيوزيم جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪندا

اسلام آباد (اين اين آءِ) وزيراعظم شهباز شريف ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 18

اليڪشن ڪميشن جو سيڪريٽري عمر حميد عهدي تان رڙندڙ ٿي ويو

اسلام آباد (اين اين آءِ) عام چونڊن کان اڳ اليڪشن ڪميشن ۾ وڏي تبديلي، سيڪريٽري / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 19

جيڪڏهن عدالتون جعلي زرعي دوائون ختم نه ٿيون ڪري سگهن ته اسان کي آرمي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ گهرجي: وزيراعظم

آبادگار جيڪڏهن جعلي دوائن جو شڪار بڻجن ٿا ته وڏو نقصان هوندو، 1960 کان پوءِ پاڪستان ۾ ٻيو سائو انقلاب آڻڻو پيو وجهي زراعت اسان جي ڪرنگهي جي هڏي آهي، آبادگار پاڪستان جي زراعت لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري رهيا آهن

زراعت جي ترقي لاءِ آبادگارن کي وسيلا ڏيڻ جي ضرورت آهي، ملڪ ۾ هلندڙ سال ڪڻڪ جي رڪارڊ پيداوار ٿي، اميد ته ڪپهه جي پيداوار به اڳ کان سٺي هوندي، آبادگارن کي انهن جو مڪمل معاوضو ملڻ گهرجي

ملڪ ۾ زرعي انقلاب اچڻو آهي، آبادگارن کي ٻج ۽ پاڻ جي فراهمي حڪومت جو فرض آهي، دوائون فراهم ڪرڻ به حڪومت جي ذميواري آهي: وزيراعظم شهباز شريف جو فوڊ سيڪيورٽي تي قومي سيمينار کي خطاب

وزيراعظم شهباز شريف سان پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان جي ملاقات، دبئي ۾ نواز شريف، مريم نواز ۽ آصف زرداري وچ ۾ ٿيل ملاقاتن تي خدشن جو اظهار، وزيراعظم ڪيس خدشا ختم ڪرڻ ۽ اعتماد ۾ وٺڻ جي خاطري ڪرائي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آبادگار جيڪڏهن جعلي دوائن جو شڪار بڻجن ٿا ته وڏو نقصان هوندو، جيڪڏهن عدالتون جعلي زرعي دوائون ختم نه ٿيون ڪري سگهن ته اسان کي آرمي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ گهرجي. فوڊ سيڪيورٽي تي قومي سيمينار سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته 1960 کانپوءِ پاڪستان ۾ ٻيو سائو انقلاب / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سيمينار کي خطاب ڪندي

عوام کي هڪ ڀيرو ٻيهر بجلي جو جهٽڪو، في يونٽ هڪ روپيو 24 پئسا مهانگي

نيپرا ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي هڪ روپيو 24 پئسا في يونٽ مهانگي ڪري ڇڏي، نوٽيفڪيشن جاري

ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي جي اگهه ۾ واڌ جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي بلن ۾ ٿيندي، ڪي اليڪٽرڪ جا واهپيدار واڌ کان آجا هوندا

اسلام آباد (م ڊ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) بجلي جي اگهه ۾ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي، نيپرا ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي هڪ روپيو 24 پئسا في يونٽ مهانگي ڪئي آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. نيپرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 3

لاهور زمان پارڪ ۾ پوليس تي تشدد جي جاچ لاءِ قائم ڪميٽي جي خلاف درخواستون خارج

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ جي سربراهي ۾ ٽه رڪني فل بينچ محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌايو

بينچ 28 صفحن تي ٻڌل گڏيل فيصلو جاري ڪيو، درخواست گذار انفرادي طور تي ٽرائل ڪورٽ وڃي سگهي ٿو: عدالت

لاهور (اين اين آءِ) لاهور هاءِ ڪورٽ زمان پارڪ ۾ پوليس تي پيٽرول بم اڇلائڻ ۽ تشدد جي جاچ لاءِ گڏيل جاچ ٽيم جي تشڪيل جي خلاف پي ٽي آءِ جي درخواست رد ڪري ڇڏي، لاهور هاءِ ڪورٽ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 2

وزيراعظم جي پٽ سليمان شهباز سميت سمورا جوابدار مني لانڊرنگ ڪيس مان آجا قرار

لاهور جي اسپيشل ڪورٽ سينٽرل مني لانڊرنگ ڪيس ۾ سليمان شهباز ۽ ٻين جي بريت وارين درخواستن تي ٻڌڻي هلائي، ايف آءِ اي 27 سوالن جا جواب جمع ڪرايا

مونکي ڪٿهڙيون نه سڏيو ويو، ايف آءِ اي ڪي جيل ۾ رکيو ويو، هر ڪي جواب ڪيو ته چالان سان گڏ ڏهه جو ڪهڙو ثبوت هو: جج

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي پٽ سليمان شهباز کي مني لانڊرنگ ڪيس مان آجو قرار ڏنو ويو آهي، لاهور جي اسپيشل ڪورٽ سينٽرل مني لانڊرنگ ڪيس ۾ سليمان شهباز ۽ ٻين جوابدارن / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 9

پي اي سي جو اجلاس، حج جي ناقص انتظامن تي مذهبي معاملن واري وزارت تي ڪاوڙ جو اظهار

صدر سميت اهم شخصيتون به حج تي موجود هيون ان جي باوجود پاڪستاني حاجي اتي روئي رهيا هئا : نور عالم خان

حج ۽ عمري بابت شڪايتن جي صورت ۾ لائسنس ڪينسل ٿيڻ گهرجي: شيخ روحيل اصغر

اسلام آباد (اين اين آءِ) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين نور عالم پاڪستاني حاجين لاءِ حج جي ناقص انتظامن ۽ مذهبي معاملن واري وزارت تي ڪاوڙ ڪندي چيو ته حج ۾ صدر سميت / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 8

آءِ ايم ايف سان معاهدي کان پوءِ فچ پاڪستان جي ريٽنگ اپ گريڊ ڪري ٽرپل سي ڪري ڇڏي

گلوبل ريٽنگ ايجنسي فچ پاڪستان جي ڊگهي مدي لاءِ فارن ڪرنسي ريٽنگ اپ گريڊ ڪري ڇڏي آهي، وزيراعظم، حڪومتي اتحادين ۽ قوم کي مبارڪ هجي: اسحاق ڊار

ناني واري وفاقي وزير اسحاق ڊار پارليامينٽ هائوس ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان ملاقات ڪئي، سياسي، معاشي ۽ پارلياماني معاملن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اين اين آءِ / م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) معاهدي ڪانپوءِ عالمي ريٽنگ ايجنسي فچ پاڪستان جي ريٽنگ اپ گريڊ ڪري ٽرپل سي ڪري ڇڏي، پاڪستان جي ريٽنگ ۾ بهتري آءِ ايم ايف معاهدي سبب پاڪستان جي فنڊنگ جو رستو کلڻ جي ڪري ڪئي وئي آهي، ان حوالي سان ڏالر / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 20

اسلام آباد: ناني واري وفاقي وزير قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان ملاقات ڪندي

سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اربع 12 جولاءِ تي صبح 10 وڳي طلب ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو) سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اربع 12 جولاءِ تي صبح 10 وڳي طلب ڪيو / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 21

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ناڻي روانگي جي حوالي سان رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 22

نيب پاران پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار کي گرفتار ڪرڻ جو فيصلو

نيب لاهور چيئرمين نيب کي عثمان بزدار جا وارنٽ جاري ڪرڻ جي اپيل ڪري ڇڏي

عثمان بزدار ۽ سندس خاندان خلاف 9 ارب روپين جا اثاثا ناهڻ جو ڪيس جاچ هيٺ آهي

لاهور (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار کي گرفتار ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 16

حڪومت ملڪ جي ترقي لاءِ نوجوانن جي مدد ڪري رهي آهي: احسن اقبال

حڪومت محققن، اسڪالرز ۽ ٻين جي مدد لاءِ هڪ منصوبو تيار ڪيو آهي

جديد ٽيڪنالوجي جي جاچ رکندڙ ماڻهن کي فنڊز جي شڪل ۾ هڪ وڏي رقم ڏني ويندي

اسلام آباد (اين اين آءِ) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته حڪومت پاڪستان جي تيز رفتار ترقي لاءِ نوجوانن جي مدد ڪري رهي آهي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 15

اتحادي پارٽين ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو فارمولا اڃا ٺائين طئي ناهي ٿيو: قمرزمان ڪائره

اليڪشن اسيمبلي جي مدو پورو ٿيڻ کان پوءِ ٿيندي ۽ اليڪشن ۾ ڪا به رڪاوٽ نه آهي

ملڪ ۾ ڪيترا مسئلا آهن پر مسئلا گهٽ آهن، باوجود حڪومت جيڪو ڪم ضروري آهي اهو ڪرڻي رهي آهي

لالا موسيٰ (اين اين آءِ) پي پي جي مرڪزي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 14

شاهد خاقان سميت ٻين جي خلاف ايل اين جي ريفرنس جو محفوظ ٿيل فيصلو ٻيهر ملتوي

ٻڌڻي دوران احتساب عدالت جي جج محمد بشير بيمار هجڻ ڪري فيصلو مڪمل نه ٿي سگهيو

ايل اين جي ريفرنس جو محفوظ ٿيل فيصلو 18 جولاءِ تي ٻڌايو ويندو، ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي

اسلام آباد (اين اين آءِ) احتساب عدالت اڳوڻي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 13

سنڌ جي عوام وٽ گهر گهر وينداسين ۽ فنڪشنل مسلم ليگ ۾ شموليت جي دعوت ڏينداسين: سيد محمد راشد شاهه راشدي

پاڪستان جي حقيقي وارث مسلم ليگ فنڪشنل آهي، نوجوانن کي حق ڏيارينداسين، ترقياتي ڪم ڪرائڻ سان گڏ حق ۽ انصاف به ڏيارينداسين

سردار غلام حيدر ڦلپوٽو جي وفات تي سندس پٽن سان تعزيت ڪرڻ ۽ مختلف وفدن ۽ پارٽي ڪارڪنن سان ملاقاتن دوران ڳالهيون

خيرپور / پيرجوڳوٺ / ڪراچي (نمائندن وٽان) حرجماعت جي روحاني پيشوا ۽ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۽ جي ڊي اي سربراهه اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جن جي وڏي صاحبزادي ۽ مسلم ليگ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 1

سنڌ حڪومت جو شري هنگلاج ياتري بس سروس شروع ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو) سنڌ جي اقليتي معاملن واري کاتي شري هنگلاج مندر جي ياترا لاءِ ياتري / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 2

ڪي ايم سي ملازمن جي بيوائن جي پينشن ۽ ٻين رقمن بابت درخواست تي نوٽيفڪيشن جي جاچ جو حڪم

ڪراچي (بيورو) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪي ايم سي ملازم / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 3

خيرپور: سيد محمد راشد شاهه راشدي سردار غلام حيدر ڦلپوٽو جي وفات تي تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪنڌڪوٽ پوليس جو ڪچي ۾ آپريشن، 3 مغوي ٽڪ ٽاڪرز نارين بازياب

ڏيڍ مهينو اڳ دوکي سان گهرائي ٽن ٽڪ ٽاڪر نارين کي اغوا ڪيو ويو هو

مقابلي بعد نارين کي تيغاڻي گينگ کان بازياب ڪرايو آهي، ٻين مغوين کي به جلد بازياب ڪرايو ويندو: پوليس

ميرپورماٿيلو (ن م) ڪنڌڪوٽ پوليس ڳڙهي تيغو جي ڪچي واري علائقي مان 3 ٽڪ ٽاڪرز عورتون ميناا مقابلي ۾ بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، ان سلسلي ۾ پوليس موجب آپريشن هلندڙ آهي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 23

ڪنڌڪوٽ: پوليس پاران آپريشن دوران بازياب ڪرايل نارين

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن سردار ۾ هٿ رڌا آهن، تيغو خان تيغاڻي پنجاب فرار ٿي ويو آهي: ايس ايس پي

ميرپورماٿيلو: ايس ايس پي عرفان سمون چيو آهي ته تيغو خان تيغاڻي پنجاب فرار ٿي ويو آهي، تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پوليس ڪنهن / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 24

گهوٽڪي مان اغوا ٿيل پورهيت محمد اسلم ڪلهوڙو بازياب نه ٿيو، چڱن مڙس جو ڌرڻو

گهوٽڪي (و ر) گذريل هڪ ڏينهن اڳ گهوٽڪي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان اغوا ٿيل هوٽل تي ڪم ڪندڙ پورهيت محمد اسلم / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 25

ميرپورماٿيلو ۾ ٻن مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج

مغوي عمر پارو ۽ مشتاق پاروجي بازيابي لاءِ ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويو

نوٽيس وٺي مغوين کي بازياب ڪرائي پڪڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

گهوٽڪي / ميرپورماٿيلو (نمائندن وٽان) ڇهه ڏينهن اڳ سرحد پرسان پالي جي واري تان اغوا ٿيل ٻن مغوين جي وارثن جو / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 27

ڪيرو واسي نوجوان عورتاڻي آواز تي هرڪجي ڪچي مان اغوا

پورهيت لياقت علي هرڪجي ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ ڦهنوجڻان اغوا ٿي ويو

ڌاڙيلن پاران مغوي نوجوان جي وارثن کان 50 لک روپيا ڀنگ طلب

ڪيرو (نمائندن وٽان) ڪيرو لڳ ڳوٺ حاجي عثمان / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 28

پوليس مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي، ڪشمور ۾ امن امان لاءِ اعليٰ سطحي قدم کنيا وڃن: علائقي واسي

ميرپورماٿيلو: ان سلسلي ۾ شهرين جو چوڻ آهي ته ڪشمور ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 26

ايس ايڇ او گل محمد مهر ۽ اهلڪار نبي داد سميت 3 مغوي بازياب ٿيڻ جا اطلاع

ڳڙهي تيغو جي ڪچي ۾ تيغاڻي گينگ خلاف آپريشن جاري آهي جيڪو به ڌاڙيلن جو ساٿاري هوندو ان کي گرفتار ڪيو ويندو: ايس ايس پي

چار ڏينهن اڳ ڪچي واري علائقي مان ايس ايڇ او گل محمد مهر ۽ اهلڪار نبي داد سميت هڪ مقامي شخص سروس چاچڙ کي اغوا ڪيو ويو هو

ميرپور ماٿيلو (طفيل رند وٽان) ايس ايڇ او گل محمد مهر ۽ اهلڪار نبي داد سميت 3 مغوي بازياب ٿيڻ جا اطلاع آهن. ايس ايس پي عرفان سمون جو چوڻ آهي ته ڳڙهي تيغو جي ڪچي ۾ تيغاڻي گينگ خلاف آپريشن / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 29

ڪراچي ۾ ميڊيڪل اسٽور تي فائرنگ، پيءُ ۽ پٽ قتل هڪ پٽ زخمي

واقعو ڦر آهي يا ٽارگيٽ ڪلنگ واقعي جي هر پاسي کان جاچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

مقتول جو اباڻو تعلق ڪوئيٽا سان آهي، ڪافي سالن کان ڪراچي ۾ رهيل هو سٺو

ڪراچي (بيورو) ڪراچي جي علائقي لياري بهار ڪالوني ۾ فائرنگ وکهي ۾ پيءُ پٽ قتل ۽ هڪ پٽ زخمي ٿي پيا پوليس موجب واقعو / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 49

گلگت بلتستان جي نئين وڏي وزير جي چونڊ لاءِ شيڊول جاري

اسيمبلي سيڪريٽريٽ ۾ 12 جولاءِ تي منجهند 2 وڳي اميدوارن کان ناميشن فارم ورتا ويندا

وزيراعليٰ جي چونڊ لاءِ پولنگ 13 جولاءِ تي منجهند 12 وڳي اسيمبلي هال ۾ ٿيندي

گلگت (اين اين آءِ) گلگت بلتستان جي نئين / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 12

ڪيرو ۽ ڀرپاسي بد امني جي باهه، پوليس ننڊ

پٽ پاٽني روڊ تي جوابدارن ڦر دوران مزاحمت تي ٽينگر کي زخمي ڪري ڇڏيو

زخمي نينگر اشوڪ ڪمار کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال نيو ويو

ڪيرو (ن م) ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ ڏهارين / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 11

ڪرونڊيءَ پرسان نوجوان بيروزگاري کان تنگ اچي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ حاجي احمد ڪاڇو ۾ نوجوان ممتاز علي زهريلي دوا پي ڇڏي

نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ڪوٽبنگلو (سٽي رپورٽر) ڪرونڊيءَ پرسان / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 10

گولاڙچي ويجهو پريميڪائن کان ميڻا ڏار ڪرڻ تي ٻن نوجوانن آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ عبدالرحمان ۾ ٻن نوجوانن جا وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيا، اطلاع تي پوليس پهچي حاجي شيخ ۽ سليم شيخ جا لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيا

فوتي نوجوان پسند جي ڇوڪرين سان شاديءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، راڄوڻي ڪوشش سان ٻنهي ڇوڪرين واپس ٿيڻ تي ٻنهي آپگهات ڪري ڇڏيو: فوتي سليم شيخ جو پيءُ

گولاڙچي (ن م) ڪور واهه ويجهو ڳوٺ عبدالرحمان ۾ ٻن نوجوانن جا وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيا آهن. ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پوليس پهچي حاجي شيخ ۽ سليم شيخ جا لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيا / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 4

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪسٽمز ڊپارٽمينٽ ۾ مستقل ڪرڻ بابت درخواستن ٻڌڻي جوڳيون هجڻ بابت دليل گهري ورتا

ڪراچي (بيورو) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪسٽمز ڊپارٽمينٽ ۾ مستقل ڪرڻ بابت درخواستن / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 4

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪسپو سينٽر ۾ گارڊننگ بابت ميمبرز مومي ايسوسيئيشن جي درخواست تي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪسپو سينٽر ۾ گارڊننگ بابت ميمبرز مومي ايسوسيئيشن / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 5

عورتن کان ايئڻ لک روڪ رقم ۽ سونا زيور ڦرڻ، پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج گم ڪري ڇڏيا

ڪراچي (بيورو) ڪراچي جي علائقي واٽر پمپ چورنگي ويجهو گاڏي ۾ سوار عورتن / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 6

گولاڙچي: عشق ۾ ناڪامي بعد خودڪشي ڪندڙ نوجوانن جا لاش وڻ ۾ ٽنگيل آهن

عمران خان پنهنجي ٽي بيروڏي ٻڌجي چڪر آهي، 9 مئي سيني ڏنو: شيري رحمان

اسان ڪنهن جي تذليل نٿا چاهيون پر ڪوئي سمورن قانونن کان مٿانهون به نه هئڻ گهرجي

اسلام آباد (اين اين آءِ) وفاقي وزير سينيٽر شيري / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 47

ٽنڊو الهيار ۾ موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، 2 زخمي

جمعا خان اسٽاپ وٽ حادثو پيش اچڻ سبب نوجوان سهيل بالادي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ به ڄڻا انصاف پناه ۽ هوت بالادي زخمي ٿي پيا، جن کي اسپتال نيو ويو

چمبڙ (ن م) ٽنڊو الهيار ٽنڊو آدم روڊ تي ٻن / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 21

ڪنڊيارو پرسان مسافر ڪوچ ڪلٽي، هڪ نينگر فوت، 10 کان وڌيڪ زخمي

شاهه جمال پمپ ويجهو پنجاب کان ڪراچي ويندڙ ڪوچ ڪلٽي ٿي پئي

حادثي ۾ نينگر خضر حيات فوت ٿي ويو، 10 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا

ڪنڊيارو (س ن) ڪنڊيارو لڳ شاهه جمال پمپ پرسان پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ ڪلٽي، هڪ نينگر فوت 10 کان / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 20

جاتي مان ڏيڍ سال اغوا ٿيل شادي شده عورت ميڻا زهر ڏئي قتل

ڏيڍ سال اڳ پيڻ کي ڪوٺي جي رهواسي ٿهيم برادري جي جوابدارن اغوا ڪيو

پيڻ کي زهر ڏئي قتل ڪري ظلم ڪيو ويو آهي، جوابدار گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: پاءُ

جاتي (رپورٽ بابو غلام حسين ملاح) ڏيڍ سال اڳ ميڻا اغوا ڪيل شادي شده عورت مسمات زينو شاهه کي رات دير سان ڪوٺي اسٽاپ پرسان زهر ڏئي قتل ٿيل ناري جو پوسٽ مارٽم سجاول سول اسپتال تي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 12

ميرپورخاص ۾ نشي ۾ ڌت همراهه جي فائرنگ ۾ نوجوان زخمي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي علائقي سٽلائيٽ ٽائون ۾ نشي ۾ ڌت نوجوان وليد / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 24

گهوٽڪي واسي سومرا برادري جي معزز شخصيت سيف الله سومرو لاڏاڻو ڪري ويو

گهوٽڪي (و ر) گهوٽڪي سومرا برادري جي معزز شخصيت سيف الله خان سومرو ڪراچي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 23

جاتي: ميڻا زهر ڏئي قتل ٿيل عورت جو لاش

سينيٽ جي گهرو قائمه ڪميٽي جي چيئرمين محسن عزيز گهرو سيڪريٽري جي غير حاضري تي سخت ڪاوڙ ڪندي اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اين اين آءِ) سينيٽ جي گهرو قائمه / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 7

گينگ ريپ جي الزام ۾ بري ٿيندڙ جوابدارن جي بريت جي خلاف اپيل تي ٻڌڻي عدالتي موڪلن تائين ملتوي

ڪراچي (بيورو) سنڌ هاءِ ڪورٽ گينگ ريپ جي / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 8

لاڙڪاڻي ۾ نشو واپرائيندڙ همراهه جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد ايمپائر روڊ تان 30 سالن / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 25

لاڙڪاڻي پرسان مختلف روڊ حادثن ۾ 11 ڄڻا زخمي

باءِ پاس وٽ رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا

وسند شاخ وٽ موٽر سائيڪل وڻ سان ٽڪرائجي وڃي جنهن ۾ به ڄڻا زخمي ٿي پيا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ٻن ڌار روڊ حادثن ۾ 3 عورتون، 4 ٻارن سميت 11 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن، رپورٽ موجب / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 19

لاڙڪاڻي ۾ هٿياربند ٻن ڄڻن کان 6 لک رپيا ڦري فرار

پ پ اڳواڻ محسن مشوري جي ٻن ملازمن کان روڪ رقم ڦر ڪئي وئي

بئنڪ مان پئسا ڪڍرائي واپس وڃي رهيا هئاسين ته هٿياربندن يرغمال بڻائي رقم ڦر ڪئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد ڪينيڊي مارڪيٽ روڊ تي موٽرسائيڪل سوار ٻن هٿياربند / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 18

سڪرنڊ ۾ چوري الزام بعد ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻنهي ڌرين جا ماڻهو زخمي

ميڻا چوري جي الزام بعد صفائي لاءِ ٻهتل نوجوان جي وارثن ۽ شورو ماڻڪن وچ ۾ جهيڙو ٿيو

جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

سڪرنڊ (ن م) سڪرنڊ شهر ۾ 30 ورهين / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 16

ميرپورماٿيلو ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو، ناحق بانڌي بڻايل نوجوان بازياب

ميرپورماٿيلو (ن م) ميرپورماٿيلي ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو ناحق بانڌي بڻايل نوجوان / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 22

راڻيپور لڳ ڳوٺ وريو واهڻ ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

هٿياربندن عجب علي جوکيو کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو وارثن کيس گمبٽ جي گمس اسپتال پهچايو جتي زخمن جي تاب نه سهندي فوت ٿي ويو

پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو، مرحوم جون آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي آبائي ڳوٺ وريو واهڻ ڪڻائي ويا

راڻيپور (فاروق ڊابو) راڻيپور لڳ ڳوٺ وريو واهڻ ۾ موٽر سائيڪلن تي سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري ڪچهين جي باڦائي عجب علي جوکيو کي گوليون هڻي شديد زخمي ڪري فرار ٿي ويا، جنهن بعد اتي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 7

راڻيپور: هٿياربندن پاران گوليون هڻي قتل ڪيل نوجوان جو لاش

سکر ۾ ڏنار درياهه ۾ ٻڏي فوت، لاش جي ڳولا جاري

رانجهاڻ واري علائقي ۾ ڏنار فريد پتار درياهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ علائقي واسين لاش جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

سکر (و ر) سکر جي قادرپور ٿاڻي جي حد رانجهاڻ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 13

حيدرآباد ۾ ڦر مزاحمت تي هٿياربندن هٿان ٻه پائر زخمي

نورائي بستي واري علائقي ۾ هٿياربندن گهر ڀاهران بيٺل ٻن ڀائرن کان ڦر جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي گوليون ۽ پستول جا بٽ لڳڻ سبب معين ۽ منيب زخمي ٿي پيا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ ڦر مزاحمت / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 14

حيدرآباد ۾ واهه مان نينگر جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

گهانگهرا موري وٽان واهه مان نينگر جو لاش مليو

پوليس لاش ڪڍائي سول اسپتال جي سرد خاني ۾ امانت طور رکرائي ڇڏيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد گهانگهرا موري واهه مان نينگر جو لاش هٿ، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 15

مورو پرسان سڌوجا ڪاٽن فيڪٽري وٽ تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر ۾ نينگر فوت

فوت ٿيل نينگر ڪبير پنگوار جو لاش مورو اسپتال مان قانوني ڪارروايون پوريون ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

نينگر جو ٻمائي نوران نيڪ ته هو جنهن کي علاج لاءِ ڪراچي کڻي وڃي رهيا هئاسين ته حادثو پيش آيو: مير خان پنگوار

مورو (ن م) مورو پرسان سڌوجا ڪاٽن فيڪٽري، ٿاڻي جي حد ۾ وٽ تيز رفتار نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 10 / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 6

لاڙڪاڻو پوليس پاران ميڻا مقابلي ۾ 2 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڌار ڌار مقابلن ۾ 2 ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

گرفتار ڌاڙيلن جي سڃاڻپ ساجد عرف ساجو ڪوري، ذوالفقار لنجوائي طور ٿي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو ڊيرو ۽ رتوديرو ٿاڻن جي پوليس ڌار ڌار ميڻا پوليس مقابلن ۾ ٻن ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 17

گهوٽڪي ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿيل نينگري سميت ٽن ڄڻن جي واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ، جوابدار گرفتار نه ٿيا

مقتول نينگري بشريٰ سميت ٽنهي ڄڻن جا لاش آبائي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيا ويا

واقعي بعد علائقي ۾ سوڳ ۽ ڏهڪاءُ پکڙيل، مقتولن جي وارثن پاران جوابدار گرفتار ڪرڻ جي گهر

گهوٽڪي (و ر) گهوٽڪي سانحي جا سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ، جوابدار نه پڪڙيا، ڪيس داخل نه ٿيس مارجي ويلن جي تدفين، جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن جي شرڪت، هر اڪ الي. چونڊيل نمائندن محمد / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 5

سي پيڪ گڏيل تعاون ڪميٽي جو 12 هون اجلاس اڄ بيجنگ ۾ ٿيندو: احسن اقبال پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ڪندو

اسلام آباد (اين اين آءِ) سي پيڪ گڏيل تعاون ڪميٽي جو 12 هون اجلاس اڄ اڱاري تي بيجنگ ۾ ٿيندو پاڪستان پاران / ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر 9

گهوٽڪي: هٿياربندن هٿان قتل ٿيل ٽن ڄڻن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ABC Regd: No. SC-NS-44

THE DAILY MEHRAN HYD (SINDH)

روزانہ مهراڻ

چيف ايڊيٽر فقير منٺار مگريو

حيدرآباد، سنڌ

پرنٽر ۽ پبلشر: فقير منٺار مگريو

هي اخبار ڪنگري پرنٽنگ پريس مان ڇپرائي پلاٽ نمبر 956، پابن شاهه ڪالوني ٽنڊي سڙڪ حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

اسان جي ويب سائيٽ وزٽ ڪندا www.dailymehran.com.pk

Regd: No. 2541- A

WhatsApp No. 0308-0038335

خبرن لاءِ اي ميل ائڊريس: dailymehran12345@gmail.com, daily_mehran@yahoo.com

هيڊ آفيس فون نمبر: 022-2782734-2783970-2783971 فيڪس: 022-2783972

اڱارو 11 جولاءِ 2023ع بمطابق 22 ذوالحج 1444ھ

ملفوظات سيد محمد راشد روزي ڌڻي رحمة الله عليه

نقل: پاڻ فرمايائون ته مريد کي پنهنجي مرشد سان اهڙو ته رابطو محڪم ڪرڻ کپي ۽ همت ۽ استعداد پيدا ڪرڻ گهرجي جو سندس ظاهري شڪل ۽ صورت به پير جي صورت جهڙي ٿي وڃي. جيئن ته هڪڙو شخص خواجه عبيدالله احرار قدس سره جو مريد هو، جنهن جي صورت خواجه صاحب جي صورت سان مشابه هوندي هئي. پوءِ جڏهن حضرت خواجه جن قدس سره هن دنيا مان رحلت فرمايائون انهيءَ مريد جي شڪل مٿجي عين صورت خواجه صاحب قدس سره جي ٿي وئي. ڪنهن شخص ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

تو من شدي من تو شدم تو جان شدي من تن شدم
تاکس نگويد بعد زين تو ديگري و من ديگرم

يعني ته تون عين منهنجو بڻجي وڃين ۽ آئون عين تنهنجو ٿي ويس. تون ماهه آهين ته آئون جسي جي مثال آهيان. يعني تون منهنجي رڳ رڳ اندر پيهي ويو آهين پوءِ هن کان پوءِ ڪو به هيئن ڪو نه چوندو ته تون ٻيو آهين ۽ آئون ڪو ٻيو آهيان!

(جلد پهريون صفحو نمبر 341)

ارسطو ۽ سوفسطائي

طفيل مگسي

سقراط جي دوستي سوفسطائين سان هئي جيڪي نهايت شاندار طريقي سان ڪوڙ گهڙيندا ۽ تقرير جي فن جي وسيلي ماڻهن کي پنهنجو مريد بڻائي ڇڏيندا هئا. ايستائين ته نوجوان افلاطون مشهور سوفسطائي پروٽاگورس جي مختلف محفلن ۾ پنهنجي استاد سان گڏ ويندو [illegible]

ڪوڙ کي غليظ براڻي بڻائي ڪري پيش ڪيو جنهن ڪان سماجي سطح تي مثبت تبديليون پيدا ٿيون ۽ پوءِ جن معاشرن سچ کي پنهنجو ساٿي بڻايو ۽ ڪوڙ کي دشمن سمجهي ڇڏي ڏنو اهي تيزي سان ترقي يافته ٿيندا ويا. جن معاشرن اهين نه ڪيو اهي ترقي جي راهه تي پوئتي ٿي رهجي [illegible]

مودي جو آمريڪي دورو ۽ نئون ورلڊ آرڊر

پيتامبر لوهاڻو

انڊيا جو وزير اعظم نريندر مودي آمريڪا جو سرڪاري دورو مڪمل ڪري واشنگٽن کان موٽي آيو. ان دوري ۾ هن ڪانگريس کي خطاب ڪرڻ سان گڏ آمريڪين کي يوگا جا ڪرتب پڻ ڏيکاريا هئا. چرچل کان پوءِ هو دنيا جو ٻيو ليڊر آهي، جنهن آمريڪي ڪانگريس کي ٻه دفعا خطاب ڪيو آهي. هڪ وقت هو جڏهن هُن کي آمريڪا ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ اڄ هُن کي "ورلڊ گرو" ڪري پيش ڪيو پيو وڃي. آمريڪي پروفيسر عرفان الدين جي خيال ۾، "آمريڪا جي لاءِ هن صدي ۾ چين اڪيلو سڀ کان وڏو خطرو آهي. جيڪو هُن کي انڊيا جي ويجهو آڻي رهيو آهي. اها هڪ تڪليف ڏيندڙ حقيقت آهي ته انڊيا جي جمهوريت اها نه رهي آهي، جيڪا ماضي ۾ هئي. جتي انساني حقن جي پائمالي، اقليتن، پريس ۽ صحافين سان بري سلوڪ جهڙا سوال موجود آهن. مودي جي پارٽي مسلمانن ۽ ٻين اقليتن تي تشدد ڪري ٿي پر هُو ان تي خاموش رهي ٿو، جنهن سان انتهاپسند پنهنجا منفي مقصد حاصل ڪري رهيا آهن."

مغرب ۾ مودي جي قبوليت ڇو؟

گذريل پنج سئو سالن کان مغربي تهذيب دنيا تي قابض آهي. وچ ڦورو، [illegible]

سال پوءِ ٿائين پبلڪ نه ڪيو ويندو جيتوڻيڪ اهو معاهدو آمريڪي قانون جي خلاف آهي پر ان وقت جي سرڪار اهو معاهدو ڪري هُن کي تحفظ ڏنو هو. آمريڪا پنهنجي مفاد ۾ انهن مان ڪجهه پيپر جاري ڪيا آهن. جيڪي آمريڪي ليکڪ مائيڪل پلسبري پنهنجي ڪتاب "سئو سالا ڊوڙ" ۾ ڇپيا آهن. مائيڪل جي چوڻي، "ڪسينجر ڪوڙو آهي". اها ڳالهه سچ آهي پر ڇا رڳو ڪسينجر ڪوڙو آهي؟ حقيقت ۾ پوري آمريڪي رياست ڪوڙي آهي. جنهن هُن کي اها اجازت ڏني هئي ته هو اهي معاهدا ڪري ۽ پنهنجي عوام کان حقيقت لڪائي رکي. اڄ اها روايت ورهائي پئي وڃي ۽ آمريڪا ان ساڳئي فارمولي تحت چين کي ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ نوان دوست ۽ اتحادي ڳولي رهيو آهي. آمريڪي سرمائيدار کي ان سلسلي ۾ مودي ۾ اميد آهي. هو انڊيا کي چاندي جي ٿالهي ۾ اهو سڀ ڪجهه رکي ڏيڻ لاءِ تيار آهي. جيڪو هن چين کي آڇيو هو. پئي پاسي انڊين سرمائيدار کي آمريڪي مجبوري جي خبر آهي ۽ هو وڏ کان وڏ مفاد حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. ڏسجي ته ويل ڪٿي پهچي ٿي!

مودي ۽ انڊين سامراجي ذهنيت

مودي جي سياست ۽ [illegible]

اصلي روپ ۾ ظاهر ٿي رهي آهي. اها "پين هندو" ذهنيت آهي. جيڪا مغربي روشن خيالي ۽ هندو قومپرستي جو ميلاپ آهي. هڪ پاسي اها جمهوريت، سائنسي تعليم ۽ خوشحالي جي ڳالهه ڪري ٿي ته ٻئي پاسي وري مسلمانن ۽ ٻين اقليتن سان نا انصافي کي جائز سمجهي ٿي. مودي سياست جي مثبت پهلوئن ۾ عورتن جي سياست ۽ معيشت ۾ وڌ کان وڌ شرڪت آهي. جيڪا اتي سماجي تبديلي جو سبب بڻجڻ سان گڏ عورتن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ڪري رهي آهي. انڊيا ۾ انساني حق، سول سوسائٽي، رواداري جهڙا لبرل خيال فقط هندو اڪثريت تائين محدود نه رهڻ گهرجن. سياست جو بنياد ڪنهن مخصوص رنگ، نسل، مذهب ۽ طبقي تي رکڻ سان سماج ۾ هڪ ٻئي جي خلاف نفرت کي هوا ملندي آهي. "پين سياست" سئو سال پهرين يورپ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ "پين جرمن" نازي پارٽي کي شڪست آئي هئي. اسان وٽ به ان سياست جا ڪافي نقصان ٿيا آهن ۽ اسان اڄ جيڪو ڪجهه پوکي رهيا آهيون، سو "پين سياست" جو نتيجو آهي. گانڌي ان "پين سياست" کان هٽي ڪري فرينچ قومپرستي جي طرز تي [illegible]

ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ٿي رهندي

جنرل ضياءَ ۽ جنرل مشرف جي باقيات ايم ڪيو ايم جنهن جي پيرن هيٺ وڇايل "قالين" ته ڇڪجي چڪو آهي ان هوندي به ايم ڪيو ايم جي ڪجهه اڳواڻن کي ڏٻري کي ٽيندڙ زڪام وانگر رکي رکي "سڪو زڪام" ٿيندو آهي ۽ پوءِ اهي اڳواڻ ڳالهائڻ وقت اهو نه سوچيندا آهن ته اهي جيڪا "مشڪري" ڪري رهيا آهن ان کي ٻيو ڪير سمجهي نه سمجهي پر سنڌ جو عوام چڱي ريت سمجهي ٿو. شايد اهو ئي سبب آهي جو هو هاڻ اهي جيڪو ڪجهه به ڳالهائين ٿا اهو سنڌن جي سياسي گاڏي کي بيڪ گيئر لڳائڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ اهي سنڌ جي عوام جي نظرن ۾ "به ڏاڪا پوئتي" ڪرندي نظر اچڻ لڳن ٿا. جيئن ته ايم ڪيو ايم کي نفرت جي مٽي مان ڳوهي پاڪستان جي سياست ۾ "هز ماسٽرس وائيس" طور ولحا ڪندڙ جيڪي جڙون ميدان تي لاٿيون ويون هيون تن جڙن جا مقا ته ڇنجي چڪا آهن پر انهن جا پچا اچا موجود آهن جيڪي پنهنجي بقا جي جنگ ڪرڻ ۾ رذل آهن. ايم ڪيو ايم جي پاڄوڪڙ سربراهه سان جيڪا "تعدي" ٿي هئي اها ساڳئي "تعدي" هاڻ پي ٽي آءِ اڳواڻ جي سربراهه سان ٿي رهي آهي. سنڌ جو عوام ايم ڪيو ايم پاڪ جي قيادت جنهن کي لنڊن ۾ ويٺل سربراهه جي باقيات سمجهي ٿو ان ڪري اهي جڏهن به ڳالهائين ٿا تڏهن سنڌ جو عوام ايئن ٿي سمجهي ٿو ته اهي اڄ به ان پاڄوڪڙ جا ترجمان ٿي آهن. اسان اها ڳالهه ان حوالي سان ڪري رهيا آهيون جيڪا ڳالهه ايم ڪيو ايم جي ملڪ ۾ ٻجي ويل "جيتامڙن" گذريل ڏينهن فاطما جناح جي ورسي جي مناسبت سان ڪوٺايل هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون آهن ان سلسلي ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي چيو ته هڪ صدي گذرڻ کانپوءِ اڄ به اردو زبان نشاني تي آهي جيڪا ڇهني صوبن وچ ۾ رابطي جو ذريعو آهي. اڄ اردو دشمن پاڪستان کي پنو جو پاڪستان بڻائي ڇڏيو آهي هن چيو ته پاڪستان جي ورهاڱي کانپوءِ مختلف صوبائي اسيمبلين اردو کي پنهنجي ٻولي طور تسليم ڪيو پر هتي مسئلو اهو هو ته ڪجهه ماڻهو سنڌو ديش جو خواب سجائي ويٺا هئا جيڪي اردو کي پنهنجي لاءِ سڀ کان وڏي ديوار سمجهن ٿا ۽ اهي ان ديوار کي ڪيرائڻ چاهين ٿا جيڪي ڏينهن اچن پيا هن چيو ته اسان پنهنجي حصي جو انقلاب آڻي چڪا آهيون جنهن لاءِ پاڪستان ٺاهيو ويو اسان پاڪستان کي انهيءَ طرف وٺي ويندا سين ايم ڪيو ايم سمجهي ٿي ته وفاداري جي توقع اها آهي ته سنڌ انتظامي يونٽ آهي اها ڌرتي ماءُ ناهي ڌرتي ماءُ پاڪستان آهي انتظامي يونٽ عوام جي ضرورتن موجب هجي ٿو جيڪو صوبن جي ورهاڱي کي غداري سمجهي ٿو ته پوءِ ان کان وڏو غدار ڪير به ناهي هتي ڪجهه ماڻهو صوبي کي ديش طور رکڻ چاهين ٿا ڪراچي جو ميئر بڻجڻ سان ڪو شهر جو مالڪ نه ٿو ٿي سگهي هن چيو ته پي ٽي آءِ اليڪشن کي قبول ڪيو ۽ هاڻ اها پلي پوڳي ڪراچي جو مينڊيٽ 35 سالن کان اسان وٽ آهي جيئن ته جمهوريت ۾ هر شخص کي پنهنجا خيال پيش ڪرڻ جو آئيني حق مليل هوندو آهي ان ڪري اسان ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ ياران ڳالهايل ٻولي کي هن جو آئيني حق ته ضرور سمجهون ٿا پر اسان جڏهن هن ياران ڪيل تقرير جو پوسٽ مارٽم ڪريون ٿا ته هن وڏي ڪمال هوشياري سان حڪمران اتحادي پارٽي پ پ کي ديهل لفظن ۾ نشانو ته بڻايو آهي پر پ پ کي سڌو نشانو ڪرڻ بدران هن قومپرستن کي نشانو بڻائي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جڏهن ته قومپرست نه سنڌ ۾ اهڙي ڪا به سگهه نه ٿا رکن جو اهي ڪو صوبائي اسيمبلي جو هڪ ميمبر به ڪامياب ڪرائي سگهن. اسان جي خيال ۾ ايم ڪيو ايم اڳواڻ "هڻ ڏي ۽ ڪي سگهي نتهن" وانگر پ پ جي قيادت کي اهو پيغام ڏنو آهي ته "هم بي تو پڙي هين راهون ۾" ان ڪري اسان کي پاڻ کان هرگز پري نه ڪجو اسان سمجهون ٿا ته هن وقت سنڌ ۾ اردو جي ڪا به مخالفت نه ٿي رهي آهي جڏهن ته ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي ابن ڏاڏن جي جتي اچڻ کان اڳ ٿي اردو سنڌ ۾ نه رڳو موجود هئي پر سنڌ جا شاعر اردو ٻولي ۾ شاعري پڻ ڪري رهيا هئا ۽ سچل سرمست جي اردو شاعري کي اڄ پڻ صدين کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي ان ڪري اها ڳالهه يقين سان چئي سگهجي ٿي ته جهڙي ريت سنڌ ۾ ٻيون زبانون موجود آهن ته اهڙي ريت اردو به سنڌ جي هڪ زبان طور موجود آهي هوندي به اردو کي ايم ڪيو ايم جي ٽولي جي زبان ڪوٺي نه ٿو سگهجي پر اها سنڌ ۾ رهندڙ هڪ وڏي انگ جي ماڻهن جي زبان چئي سگهجي ٿي ان ڪري سنڌ ۾ اردو سان ڪنهن کي به ڪا به نفرت ناهي ۽ نه ئي اردو خلاف ڪنهن سياسي پارٽي جي منشور ۾ ڪا شق شامل آهي رهيو سوال سنڌ کي ڌرتي ماءُ نه سمجهڻ جي ته اها هر ڪنهن جي مرضي آهي ته اهو پنهنجي ماءُ کي ماءُ سمجهي ٿو يا نه ٿو سمجهي جيڪي پنهنجي ماءُ کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪن ٿا تن کي شايد اها ماءُ ناجائز اولاد به قرار ڏئي سگهي ٿي. اسان سمجهون ٿا ته سنڌ ۾ رهندڙ سيئي اردو ڳالهائيندڙ به سنڌ ڌرتي جا پٽ آهن ۽ جيڪو ڌرتي ماءُ جو پٽ هوندو اهو ڪڏهن به نه چاهيندو ته پنهنجي ماءُ کي ڪا ڪلهس به اچي. اسان ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ جي تقرير کي هڪ شڪست کاڌل اڳواڻ جي تقرير سمجهندي رڳو هڪ سوال پڇون ٿا ته اهي هر ڀيري ان پارٽي سان حڪومت ۾ ڇو شامل ٿين ٿا جيڪا پارٽي کين اکين تي وٺي هن وقت به اهي اتحادي سرڪار ۾ وزارتون وٺي ويٺل آهن ۽ سنڌ مان مينڊيٽ حاصل ڪندڙ پارٽي سان کلهو ڪلهي ۾ ملائي مزا وٺي رهيا آهن بهرحال اسان هتي کين اها صلاح ڏينداسين ته هاڻ سنڌ جو عوام نه ته نسل پرستن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهي ۽ نه ئي قومپرستن کي اڳيرو ٿيندو ڏسڻ گهري ٿو ان ڪري هاڻ اهڙي نفرت واري سياست مان ڪين هٿ ڪڍڻ گهرجن ان ۾ ئي سنڌن ڀلائي آهي باقي جيڪڏهن اهي سمجهن ٿا ته نفرت واري سياست کي ٻيهر وري جاري رکي اهي ڄاڻ عام جوڙيندن ۾ ڪا وڏي ڪاميابي حاصل ڪري سگهن اها سنڌن ڀل آهي ايندڙ چونڊن ۾ سنڌ جو عوام ڪنهن پارٽي کي اقتدار جي ڪرسي حوالي ڪري ٿو اهو ته وقت ئي ٻڌائيندو باقي اها ڳالهه هينئر سان ئي نظر اچي رهي آهي ته نه ته ڪي سنڌو ديش وارا ڪو ٻوٽو ٻاري سگهندا ۽ نه ئي سنڌ جا ڀاڱا ڪرڻ واري سوچ رکندڙن کي ڪا سوڀ ملندي ڇاڪاڻ ته سنڌ جو عوام ان ڳالهه تي متفق آهي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ٿي رهندي.

بقايا 01

قنفشنل سنڌ جي نائب صدر ايم پي اي سيد محمد راشد شاهه راشدي چيو آهي ته اڄون سنڌ جي عوام وٽ گهر گهر ويندس [illegible]

بقايا 02

جي جسٽس طارق سليم شيخ جي سربراهي ۾ ٽه رڪني فل بينچ محفوظ [illegible]

سائنس گڏ هئا 7

حوالي ڪيو ويو آهي، ان موقعي تي فوتي ٿينگر جي چاچي مير خان پنهور ٻڌايو ته اسان جي ٿينگر جو دماغي توازن ٺيڪ نه هو جنهن کي اسان علاج لاءِ ڪراچي ڪٺي وڃي رهيا هئاسين ته هوٽل کان لهي وڃي [illegible]

[illegible]

بقايا 01

سجاده نشين درگاهه فقير الله آنڌل صاحبزاده عبدالمجيد مدني ڪئي وٺي جڏهن ته ڪانفرنس کي مفتي حق نبي سڪندري، مولانا عبدالله ڏاهري، حافظ علي اڪبر قاسمي، سيد عبدالقادر شاهه جيلاني ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو آهي ته انسان کي گهرجي ته الله ۽ رسول جي حڪمن تي عمل ڪرڻ سان ئي جهانن جي ڪاميابي ملي ٿي مسلمانن کي گهرجي ته نماز پڙهن ۽ پاڙيوارن سان سٺو سلوڪ ڪن انسانيت جي خدمت ڪئي وڃي جنهن ۾ الله پاڪ راضي ٿئي ٿو، هنن چيو ته اڄ جو مسلمان غافل هجڻ جي ڪري دين کان پري آهي تنهن ڪري دين جي سيکني کي تبليغ ڪري ۽ غافل رهڻ کان بچايو وڃي، جڏهن ته ڪانفرنس ۾ ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان کوسو، انجمن تاجران پاڪستان جو سرپرست اعليٰ لالا فرقان شيخ، انجمن تاجران خيرپور جي صدر عاشق حسين عباسي، سيد محمد شاهه راشدي سڪندري، مخدوم نذير احمد هاشمي انجنيئر عبدالوحيد، نصير احمد شيخ سميت ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 02

تن جڻن جي قتل تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر پاران واقعي متعلق ايس ايس پي گهوٽڪي سان رابطو ڪري ڪاٺس واقعي بابت جاڻ ورتي ۽ ڪيس چيو ته جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي، پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر جو چوڻ آهي ته گهوٽڪي ضلعي جي امن کي خراب ڪرڻ نه ڏنو ويندو، ضلعي جي ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪئي ويندي، هن چيو ته گهوٽڪي واقعي تي دلي صدمو پهتو آهي هن ڏک جي گهڙين ۾ متاثر ڪٽنب سان گڏ آهيون. آئون ايس ايس پي گهوٽڪي کي جوابدارن جي فوري گرفتاري لاءِ چيو آهي جنهن خاطري ڪرائي آهي ته تمام جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 03

ناهي، ٽي ايم او اسان سان ملڻ لاءِ تيار ناهي ان سلسلي ۾ گڏريل ڏينهن پ پ جي ڪائونسلر ۽ ٽائون ڪميٽي سجاول جي وائيس چيئرمين ساجد علي لغاري پاران شهر ۾ صفائي جي ناقص نظام جي حوالي سان ڪائونسلرن سميت ٽائون آفيسر سان گڏجاڻي رکي وئي هئي، جنهن ۾ ٽي ايم او جي نه پهچڻ تي وائيس چيئرمين ساجد علي لغاري ۽ ٻين ڪائونسلرن جون ميڊيا اڳيان ڳالهيون، وائيس چيئرمين ۽ ڪائونسلرن جو چوڻ هو ته اسان کي سجاول جي شهرين ووٽ ڏئي چونڊيو آهي پر اڄان تائين اسان کي پاور ناهي مليو. تنهن باوجود اسان پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهيون. پر ٽي ايم او اسان سان ڪو تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هنن چيو ته ٽي ايم او جي ناقص ڪارڪردگي سبب ٽائون جو صفائي وارو وڏي تعداد ۾ ڊيوٽي تفا ڪن ۽ باقي ڪم ڪندڙ ڪجهه عملي وٽ شهر ۾ صفائي ڪرڻ جو ڪو سامان ئي ناهي. جنهن سبب شهر گندگي جي ورچڙهي ويو آهي ۽ اسان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندڙ شهري اسان کي شڪايتون ڪري رهيا آهن. جنهن ڪري اسان جي اڄ ٽي ايم او سان گڏجاڻي رکيل هئي پر اسان کي هتي ايندي ڪيترائي ڪلاڪ گذري وڃڻ باوجود ٽي ايم او غير حاضر آهي هنن چيو ته لاڳاپيل اعليٰ عملدار ٽي ايم او سجاول خلاف نوٽيس وٺن

بقايا 04

ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي ناانصافين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون شريف ٻالاڻي، سيد گلزار شاهه، اڪرم بلوچ، عبدالغفار ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪرسي سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ڪمشنر ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي پيرا ميڊيڪل جي ملازمن کي سخت پريشان ۽ حراسان ڪري رهيو آهي ۽ اسپتال لاءِ مليل 3 عرب واري امداد جو پڻ ڪو به حساب ڪتاب نه آهي. نه ئي ڊيلي ويجز جي ملازمن جو ڪو رڪارڊ رکيو آهي. هنن چيو ته ڪڏني ٽرانسپلانٽ پلانٽ ۽ ٻين ڪمسن جي مد ۾ وڏي ڪرپشن ڪري رهيو آهي. جنهن کان ڪو به بچڻ وارو نه آهي هو پنهنجي مرضي جو مالڪ بڻيل آهي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ڊائريڪٽر گمس جي ڪرپشن کي وائکو ڪري ڪيس عهدي تان هٽائي ڪو ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي.

بقايا 05

ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف روڊن رستن تان ٿيندي پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي اڳواڻن شاهي جاڳيراڻي، ذوالفقار سهتو غلام حسين جلباڻي، فضل ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گمبٽ جي گمس اسپتال کي 85 سالن جو ڊائريڪٽر رحيم ڀٽي جيڪو ڄاڻ طبيعت ٺيڪ ڪري پيرا ميڊيڪل عهديدارن هدايت الله عباسي، مرڪزي ماجد آرائين سميت ٻين ملازمن سان رويو درست ناهي جيڪو ٻين ملازمن کي گارگند ڪري انهن جون پگهارون بند ڪري حراسان ڪري نوڪريون ختم ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ڊائريڪٽر گمس ۽ پنهنجا نوازي ڪري سوين ملازمن ۽ آفيسرن پنهنجي خاندان جا ڀرتي ڪري انتظامي ۽ اڪائونٽ وارين پوسٽون به انهن حوالي ڪري ڇڏيون آهن باقي سالن کان ڪجهه ملازمن کي پڪو نئو ڪيو وڃي. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته 3 ڏينهن اسان صرف احتجاج رڪارڊ ڪرائينداسين اگر ٽن ڏينهن ۾ ڊائريڪٽر گمس رحيم ڀٽي کي نه هٽايو ويو ته اوپي ڊيز بند ڪري احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 06

جوانن طرفان سلامي ڏيئي اباڻي قبرستان ۾ تدفين ڪيو ويو گذريل ڏينهن ڏهرڪي ويجهو ڳوٺ سمندر خان پير غلام عباس ڪوري ترين اڳيان اڄي آڳهات ڪيو جنهن جي پوسٽ مارٽم لاءِ مڙهه پٽي عاقل چانوٽي سان ڪرايو ويو مڙهه رات دير سان حبيب

الله گبول لڳ پرانو قبرستان فوجي جوانن جي سلامي هيٺ دفنايو ويو آهي جنازي نماز ۾ آرمي جا آفيسر وڏيرو امداد ڪوري عنايت ملڪ علائقي جي معزز ماڻهو جا وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئيل آڳهات ڪندڙ فوجي جوان جي چئن ڏينهن بعد شادي پڻ رٿيل هئي ديوٽي تان موڪل تي آيل هو جڏهن ته آڳهات جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي معلوم ٿيو آهي ته غلام عباس ڪوري آرمي ۾ صوبيدار هو ۽ هن وقت ان جي يونٽ 33 سيالڪوٽ ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو هو

بقايا 07

لاڙائو ڪري ويو سنڌس جنازي نماز ڳوٺ حاجي خان ٿهيم ۾ ادا ڪئي جنهن بعد اباڻي قبرستان ۾ سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي آخري رسمن ۾ صحافي برادري، سياسي، سماجي، مذهبي، آسپاس جي معززين سميت ڳوٺ جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مرحوم جي ايصال ثواب ۽ دعا گهرڻ لاءِ تلو احمد پرڻ اسٽاپ لڳ ڳوٺ حاجي خان ٿهيم رکيو ويو آهي

بقايا 08

پاران ساڍا 17 لک جو ڪوڙو چيڪ ڏيڻ خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪرڻ تي عدالتي حڪم تحت ميرپورخاص جي ٽائون ٿاڻي تي پوسي وائيس چيئرمين محمد يونس جهنجهي ۽ سنڌس ساٿي اموليڪ تي 17 لک 50 هزار رپين جو ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي. فريادي شاهنواز ڪاڪا فريادي ڪيس ۾ ڄاڻايو آهي ته محمد يونس سنڌس ميسي ٽريڪٽر 19 لک 50 هزار رپين ۾ ڪاٽس خريد ڪيو، جنهن مان هن 2 لک رپيا روڪ ادا ڪيا، جڏهن ته باقي رهيل 17 لک 50 هزار رپين جو هن اموليڪ نالي شخص جو چيڪ، هڪ شخص حاجي جهنجهي کي شاهد بڻائي مون کي ڏنو جڏهن ڏنل چيڪ ڪيش ڪرائڻ لاءِ بئنڪ ڪئي ويا سين ته ان اڪائونٽ ۾ پيسا ئي موجود نه هئا ۽ جڏهن محمد يونس کان پڇسين جي گهر ڪئي ته پئسا ڏيڻ بدران هن ڪيس قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون، حد جي پوليس ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي جڏهن ته ڪا به گرفتاري نه ٿي سگهي آهي.

بقايا 09

آفيسر مقرر ڪيو آهي جنهن پنهنجي عهدي جي چارج وٺي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي چارج وٺڻ بعد طارق مجيد تاريجو چيو ته انشاءَ الله اڳي وانگر سنجهوري جي رهوائيسن جي ڀرپور نموني سان خدمت ڪندو رهندس ياد رهي ته طارق مجيد تاريجو ڪجهه وقت اڳ ۾ سنجهورو ۾ اڪائونٽ آفيسر رهي چڪو آهي جنهن جي عامي خدمت ۽ ملازمن جا مسئلا فورن حل ڪرڻ تي ملازمن ۽ شهرين جون دليون کٽي ورتيون آهيون ۽ ڪيس تمام گهڻو ياد ڪيو ويندو هو پٽي طرف هتان جي سماجي ۽ سياسي ڪارڪنن مختلف اين جي اوز شهري اتحاد ٽريڊ يونين شهرين ۽ ملازمن طارق مجيد تاريجو کي ڀيهر ميونسپل ڪميٽي سنجهورو جو اڪائونٽ آفيسر مقرر ٿيڻ جي آجيان ڪندي سنڌ حڪومت جي اهڙي قدم جي واکاڻ ڪئي آهي.

بقايا 10

ڪيس گهران نيڪالي ڏني وئي آهي جڏهن ته منهنجا ڏوهتا سون کي 4 ڏينهن کان دربدر ڪري رهيا آهن هن چيو ته جگهه منهنجي آهي جنهن تي ڏوهتن قبضو ڪري گهر نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي ۽ سخت تشدد پڻ ڪيو آهي. هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته نه جگهه تي قبضو ڪندڙ ڏوهتن اياز ۽ واجد خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آڻي جگهه تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 11

125 موٽر سائيڪل تي سوار ٻن نامعلوم هٿياربند ڦورو هٿيار جي زور تي 2 قيمتي موبائيل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. مڪلي ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود پوليس ڪاب ڪارروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي. ڦر جي وارداتن ۾ اضافي سبب علائقي واسي خوف ۽ ميتلا ٿي ويا آهن جن ايس ايس پي ٺٽو کان نوٽيس وٺي ڌوهارين خلاف ڪارروائي جي گهر ڪندي ڦوار کي تحفظ مهيا ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 12

رهواسڻ رشيد بي بي ۽ حسن جت پاران باڻرن ۽ پوليس جي مبينا ظلمن خلاف ميرپورخاص پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪيو ويو مظاهرو ڪندڙن الزام هڻندي چيو ته باڻرن مرتضي، امجد ۽ مصطفي اسان جي زمين مان زبردستي پوکيل پاڄيون پٽي نقصان ڪندا هئا جنهن جي منع ڪرڻ دان انهن باڻرن منهنجي پٽ الهڏنو جت کي ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي جيڪو هن وقت حيدرآباد جي اسپتال ۾ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهيو آهي پٽ کي زخمي ڪرڻ ۽ حملي جو ڪيس داخل ڪرائڻ جي باوجود پوليس باڻرن کي گرفتار نه ڪري رهي آهي ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل هجڻ باوجود باڻر جوابدار سرعام گهمي رهيا آهن ۽ اسان کي ڪيس ختم ڪرڻ لاءِ ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن هنن ميرپورخاص ڊي آءِ جي، ايس ايس ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي ته باڻرن خلاف ڪارروائي ڪري کين گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ۽ اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 13

احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي نويد قريشي، شيرين نصير، سلطانه خالد قمبراڻي، ظهور ۽ ٻين ڌانهيندي چيو ته ڪيڊري وقت کان 5 فيصد ڪوٽا تحت نوڪري لاءِ در در ڌڪا کاڌون پيا پر نوڪريون منڌ پسند ماڻهن کي ملي رهيون آهن جيڪا ساڻن وڏي ناانصافي آهي. هنن چيو ته تازو نياز اسٽيڊيم ۾ نوڪري ڏيڻ لاءِ انٽريو ڪيا ويا هئا جنهن ۾ هنن پنهنجي من پسند 97 ماڻهن کي آرڊر ڏنا جڏهن ته سنڌ جي مختلف ڊپارٽمينٽ ۾ 1572 نوڪرين لاءِ جايون خالي پيون آهن پر ان هوندي به اسين بيروزگار گهرن ۾ فاقاڪشي واري زندگي گذاري رهيا

آهيون پر نوڪري نه ٿي ملي سخت مشڪل ۾ آهيون ڪو به تدارڪ نه ٿو ڪري ٻچڙا بکون ڪاٽي رهيا آهن. هنن لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته کين 5 فيصد ڪوٽا تحت نوڪري ڏئي بک ۽ بدحالي کان بچايو وڃي.

بقايا 14

گرفتاري وارنٽن تي فريادين تروڙي گواهن کي پيش ڪرائڻ جي هدايت. تفصيل مطابق خيرپور جي ٿرڊ اسسٽنٽ سيشن جج عاصم سعيد خان لوڌي جي عدالت ۾ هلندڙ ڪرمنل ڪيس ۾ مسلسل غيرحاضر رهندڙ فريادين تروڙي گواهن جا گرفتاري وارنٽ هجڻ جي باوجود پوليس طرفان فريادين ۽ گواهن کي عدالت ۾ پيش نه ڪرائڻ تي عدالت سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ٻي ڊي ايس پي کي طلب ڪري ورتو جتي عدالت ۾ ٻي ڊي ايس پي مير محمد دايو پيش ٿي عدالت کي يقين ڏياريو ته عدالتي حڪمن جي تعميلات ڪئي وينديون، عدالت ٻي ڊي ايس پي جي اهڙي وعدي بعد ڪيسن ۾ مسلسل غيرحاضر رهندڙ فريادي تروڙي گواهن جي جاري ڪيل گرفتاري وارنٽن تي تعميلات ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 15

رهواسي اسدالله سولنگي پريس ڪلب پهچي ڌانهيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي گهر مان چوري ٿي هئي جنهن جي رپورٽ سوبوديرو تي داخل ڪرائي هئي. منهنجي گهر جي چوري ۾ برادري جا ماڻهون ظهور سولنگي ۽ راجا سولنگي ملوث آهن جن خلاف رپورٽ درج ڪرائڻ ڪان پوءِ مڃرجي منهنجي گهر ۾ داخل ٿي پڇ ياهه پڻ ڪئي آهي ۽ مون کي ۽ منهنجي گهر وارن کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن چيو ته اسان شريف مسڪين آهيون ڪير به مدد ڪرڻ وارو ناهي. هن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 16

ڌانهيندي چيو آهي ڏجڏهن کان غلام الله مين شاخ بڪي ٿي آهي، تڏهن کان اسان جي علائقي جي ڪانڪي شاخ ۾ پاڻي نٿو اچي، پاڻي نه اچڻ ڪري علائقي جي هزارين ايڪڙ زرعي زمين بنجر بڻجي رهي آهي، بيٺل فصل سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويا آهن هن چيو ته غلام الله شاخ کي دروازا ناهن ۽ وري ڪانڪي شاخ جي منهن ۾ وڏو ڪولڳل آهي. جنهن جي ڪري پاڻي مٿي نٿو چڙهي، اسان ڪيترائي ڀيرا انتظاميه کي چيو آهي ته ڪانڪي شاخ جي منهن ۾ لڳل ڊڪو ختم ڪيو وڃي ته پاڻي ملي سگهي پر ڪير به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي، پاڻي نه هئڻ ڪري زراعت تباهه ٿي رهي آهي، هاڻي ته انساني آبادي ۽ چوپائي مال جي پيئڻ لاءِ به پاڻي ميسر ناهي، هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ڪانڪي شاخ ۾ لڳل ڊڪو ختم ڪرائي شاخ ۾ پاڻي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ڏجيئن علائقي واسين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ٿي سگهي.

بقايا 17

ايندڙ عام چونڊ 2023 کان اڳ چونڊ فهرستن ۾ پنهنجي ووٽ جي داخلا کي يقيني بڻائڻ اڄ ٿي اليڪشن ڪميشن جي 8300 ميسج سروس ۾ قومي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر موڪلي ووٽ جا ڪوائف معلوم ڪري سگهجن ٿا. درستگي جي صورت ۾ دفتر ضلعي اليڪشن ڪمشنر خيرپور ۽ پنهنجي تعلقه ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران قائم فارم وصولي سينٽر ۾ فارم جمع ڪرائي سگهجن ٿا. اليڪشن ڪميشن خواتين، خواجا سراءِ، باهمي معذور افراد اقليتون ۽ نوجوانن جي چونڊ فهرستن ۾ ووٽ جي اندراج کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص اپاءُ تي عملدرآمد ڪري رهيو آهي. 13 جولاءِ ڪانپوءِ چونڊ فهرستن ۾ ووٽ جي داخلا منتقلي، ڪوائف جي درستگي وارو عمل مڪمل طور بند ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ ڪنهن به رهنمائي ۽ مشوري لاءِ ضلعي اليڪشن ڪمشنر خيرپور پاران عوام کي گذارش ڪئي وئي آهي ته ضلعي دفتر سان رابطو ڪري ووٽ جو اندراج ڪرايو وڃي.7

بقايا 18

لڳي آهي دوائن، جنريٽر، مريضن جي ماني، ايمبوليسن جي تيل سميت بلڊنگ جي مرمت لاءِ هر سال ايندڙ اربين روپين جي بجيٽ مان 10 سيڪڙو اسپتال تي خرچ ٿيڻ بعد بقايا رقم ايم ايس ڊاڪٽر مير حسن ڪولاچي پنهنجو حصو پٽي وٺي باقي هيڊ ڪلارڪ عبدالقيوم پلاڻ ۽ ٻين عملدارن معرفت وڏيرن جي بنگلن تي خرچ ٿيڻ لڳي آهي. اسپتال جي بجيٽ اسپتال مٿان خرچ نه ٿيڻ ڪري دوائون جي کوٽ، جنريٽر جي تيل ۽ ايمبولينس جي تيل جي کوٽ پيدا ٿيڻ سميت ليبارٽري اندر صرف مليريا ٽيسٽ ٿيڻ لڳي باقي ٽيسٽون ٻاهريان ٿيڻ لڳيون آهن اهڙي ريت اسپتال آيل مريضن کي به هڪ اڌ دوا ڏيڻ بعد ٻيون دوائون خانگي اسٽورن تان وٺڻ لاءِ، چيو پيو وڃي جڏهن ته اسپتال جي بجيٽ جي هڙپ ٿيڻ تي احتجاج ڪندڙن کي ايم ايس پاران ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جا دڙا ڏئي احتجاج کان به روڪيو پيو وڃي ڪجهه مهينن اندر ٻالاٽر ايم ايس ڊاڪٽر مير حسن ڪولاچي اسپتال جي پيئنگ ڪري ڇڏي اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ عملي سان به منهن ماري ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي ۽ ڊيوٽي تان موڪل ڪندڙ ڊاڪٽر يا ٻئي عملي کان رشوت طلب ٿيڻ جو به انڪشاف ٿيو آهي پر ان باوجود به ٻالاٽر ايم ايس خلاف ڪنهن به قسم جي ڪا به ڪارروائي ناهي ٿي سگهي.7

بقايا 19

کي گرفتار ڪري ورتو ڊي ايس پي لطيف آباد حامد علي پرڳاڙي جي اڳواڻي ۾ انچارج ايئرپورٽ سب انسپيڪٽر منظور شورو پنهنجي اسٽاف سان گڏ گشت دوران ڪارروايون ڪري موٽرسائيڪل ڦر ڪندڙ ٻن ڦورن نواز چنو ۽ عرفان چنو کي گرفتار ڪري جوابدارن جي قبضي مان شهري محمد اختر راجپوت جي چوري ٿيل موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪري ورتي.7

بقايا 20

ٿي گرفتار ڪري ناحق باندي بڻايل هڪ جوابدار حسنين کي بازياب ڪرائي آزاد ڪري ڇڏيو جڏهن ته قادر

گهوٽڪي تعلقه اسپتال عوام لاءِ ڪرس گهربيل، هڪ ارب کان مٿي جي بجيٽ ڪاغذي ڪارروائي ۾ هڙپ

دوائن، مريضن جي ماني، جنريٽر ۽ ايمبوليسن جي تيل سميت بلڊنگ جي مرمت لاءِ ايندڙ اربين روپين جي بجيٽ وڏين جي بنگلن تي خرچ ٿيڻ لڳي

ڪجهه مهينن اندر ايم ايس ڊاڪٽر مير حسن ڪولاچي اسپتال جي پينگ ڪري ڇڏي، احتجاج ڪندڙن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون

گهوٽڪي (امان الله چارڻ) گهوٽڪي جي تعلقي اسپتال عوام لاءِ ڪرس گهربحي وئي، هر سال هڪ ارب کان مٿي جي بجيٽ مريضن تي خرچ ٿيڻ بجاءِ ڪوڙا بل تيار ڪري ڪاغذي ڪارروائي ۾ هڙپ ٿيڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

خيرپور ۾ سالانه عظمت مصطفيٰ ﷺ ڪانفرنس ۽ عرس مبارڪ ٿي گذريو

اسان کي گهرجي ته الله ۽ رسول ﷺ جي حڪمن تي عمل ڪريون جنهن سان ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي ملي ٿي: مقررين

صدارت سجاده نشين درگاه فقير الله آباد صاحبزاده عبدالمجيد مدني ڪئي، ڪانفرنس کي ملڪ جي نامور عالمن ۽ پير خطاب ڪيو

خيرپور (ڊ ر) 36 سالانه عظمت مصطفيٰ ڪانفرنس ۽ 11 سالانه عرس مبارڪ فقير باغ خيرپور ۾ ٿي گذريو جنهن جي صدارت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر معصوم نينگري سميت ٽن ڄڻن جي قتل جو نوٽيس ورتو

ايس ايس پي گهوٽڪي سان رابطو ڪري ڪاڇس واقعي بابت جاچ ڪندي جوابدارن جي گرفتاري جون هدايتون ڏنيون

گهوٽڪي ضلعي جي امن کي خراب ڪرڻ نه ڏنو ويندو، ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪئي ويندي

خانپورمهر (ن م) ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر پاران گهوٽڪي واقعي جو نوٽيس وٺندي معصوم نينگري سميت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سجاول ٽائون ڪميٽي جي وائيس چيئرمين ۽ ڪائونسلر جو ٽي ايم او خلاف احتجاج

شهر ۾ ڪچرو صفائي جو انتظار ناهي، ٽي ايم او ملڻ لاءِ تيار ناهي: ساجد علي لغاري

ٽي ايم او جي ناقص ڪارڪردگي سبب ٽائون ۾ صفائي وارو عملو اڪثر غير حاضر آهي

سجاول (ڊ ر) ٽائون ڪميٽي سجاول جي وائيس چيئرمين ۽ ڪائونسلرن جون ٽائون آفيسر خلاف ڏاڍهن شهر ۾ صفائي جو ڪو نظام /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

حيدرآباد ۾ پي ايم اي جو ڊائريڪٽر گمس جي ناانصافين خلاف احتجاج

ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي پيرا ميڊيڪل جي ملازمن کي پريشان ۽ حراسان ڪري رهيو آهي

ڪڊني ٽرانسپلانٽ ۽ ٻين ڪمن جي مد ۾ وڏي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد (چيف رپورٽر) پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن حيدرآباد پاران گمس جي اسپتال گمس جي ڊائريڪٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

لاڙڪاڻي ۾ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جو گمس جي ڊائريڪٽر خلاف احتجاج

ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جو ملازمن سان رويو درست ناهي

ٽن ڏينهن ۾ ڊائريڪٽر کي گمس کان نه هٽايو ويو ته احتجاج وڌايو ويندو: مظاهرين

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاران گمس جي ڊائريڪٽر جي مبينا زيادتين خلاف سول اسپتال /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڳڙهي چاڪر پرسان مبينه خودڪشي ڪندڙ فوجي جوان جي فوجي اعزاز سان تدفين

فوجي جوان غلام عباس ڪوري ٽرين اڳيان اچي مبينه آپگهات ڪيو هو

مبينه آپگهات ڪندڙ جوان جي ڇهن ڏينهن بعد شادي ٿيڻ رٿيل هئي

جرواڙ (ن م) ڳڙهي چاڪر جي ڳوٺ ڪبير ڪوري واسي غلام عباس ڪوري مبينا آپگهات ڪندڙ فوجي جوان کي فوجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٽنڊو آدم جي صحافي علي ٿهيم جو ٽنڊو پاءِ لاڏاڻو ڪري ويو

مولا بخش ٿهيم ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد دم ڌڻي حوالي ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز ۾ صحافين سميت سياسي سماجي شخصيتن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽنڊو آدم (ن م) ٽنڊي آدم جي سينيئر صحافي ليکاري علي ٿهيم جو ٽنڊو پاءِ مولا بخش ٿهيم ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ميرپورخاص ۾ عدالتي حڪم تي يوسي وائيس چيئرمين ۽ سنڌس ساٿي تي ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڪيس داخل

پراڻي ميرپور جي وائيس چيئرمين محمد يونس ۽ سنڌس ساٿي امولڪ تي ڪيس داخل ڪيو ويو

محمد يونس 17 لک 50 هزار روپين جو چيڪ ڏني ڪيش ڪرائڻ لاءِ ويا سين ته اڪائونٽ ۾ پئسا نه هئا: فرياد

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي رهواسي شاهنواز ڪاڪا پاران ڪيس پ پ سان لاڳاپيل يوسي پراڻي ميرپور جي وائيس چيئرمين محمد يونس جهنجهي ۽ سنڌس ساٿي ميرپورخاص امولڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس خيرپور پاران ووٽ جي ناحق کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڌرائي جاري

خيرپور (ڊ ر) ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس خيرپور پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٺٽي ۾ ماستر محمد علي جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج

ٺٽو (ڊ ر) غلام الله جي رهواسي ماستر محمد علي گهراڻي ٺٽي ۾ صحافين اڳيان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

سيتارجا ۾ ڳوٺاڻي جو گهر مان چوري ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

سيتارجا (ن م) سيتارجا پرسان يوسي سيتارجا بالا جي ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

خيرپور جي عدالت فريادي ۽ گواهه پيش نه ڪرڻ تي پوليس تي برهم

خيرپور (ڊ ر/ ڪرائيم رپورٽر) خيرپور جي عدالت ڪيسن جي فريادي ٽوڙي گواهن جي پيش نه ڪرائڻ تي برهم، عدالت جي طلب ڪرڻ تي بي ڊي ايس پي عدالت ۾ پيش. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

حيدرآباد ۾ معذورن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

حيدرآباد (چيف رپورٽر) حيدرآباد جي معذور ماڻهن عورتن ٽوڙي مردن نوڪرين نه ملڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ميرپورخاص ۾ جهلو واسڻ عورت جو ٻاڙن ۽ پوليس خلاف احتجاج

ميرپورخاص (بيوروپورٽ) جهلو جي رهواسي عورت جو ٻاڙن ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو، تفصيل موجب جهلو جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ٺٽو پرسان هٿياربند ٻن نوجوانن کان موبائل فون ڦر ڪري فرار

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي جي ڳوٺ علي مراد درس لڳ پليجا مارڪيٽ تي ويٺل ٻن نوجوان مجيد جوکيو ۽ عبدالحسين خاصخيلي کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

حيدرآباد ۾ پيرسن عورت جو گهر تي قبضي خلاف احتجاج

حيدرآباد (چيف رپورٽر) هالا ناڪي جي رهواسڻ پيرسن مسمات مرادان حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪندي ڄاڻايو آهي ته سندن جي جڳهه تي قبضو ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

طارق مجيد ناريجو ميونسپل ڪميٽي سنجهورو ۾ اڪائونٽ آفيسر مقرر

سنجهورو (ن م) سنڌ حڪومت پنهنجي حڪم تحت طارق مجيد ناريجو کي ميونسپل ڪميٽي سنجهورو لاءِ اڪائونٽنٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

حيدرآباد: پوليس پاران گرفتار ڪيل ڦورو

حيدرآباد پوليس جي ڪارروائي، 2 ڦورو گرفتار، هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪري جي دعويٰ

انچارج اينٽي اسٽريٽ سب انسپيڪٽر منظور شورو پنهنجي اسٽاف سان گڏ ڪارروائي ڪري جوابدارن نياز ۽ عرفان چنو کي گرفتار ڪيو

گرفتار ٿيل جوابدارن جي قبضي مان محمد اختر راجپوت جي چوري ٿيل موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪئي وئي

حيدرآباد (رپورٽ: زاهد خان) حيدرآباد جي اينٽي اسٽريٽ ٿاڻي جي پوليس جي ڪارروائي ۾ موٽرسائيڪل ڦر ڪندڙ ڦورن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

شهدادپور ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو، ناحق بند ڪيل هڪ ڄڻو بازياب

سول جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ شهدادپور ون فياض علي ميتلو ٿاڻي تي ڇاپو هڻي حسنين کي بازياب ڪرايو

ايس ايڇ او شهدادپور کي ريڪارڊ سميت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سانگهڙ جي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم

شهدادپور (س ر) شهدادپور ٿاڻي تي سول جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ شهدادپور ون فياض علي ميتلو اوچتو عدالتي ڇاپو هڻي ٿاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

خيرپور جو مشهور ڊاڪٽر سيد حسنين شاهه رضوي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جو مڙهه ڪراچي کان خيرپور رضوي هائوس منتقل ڪيو ويو

مڙهه سوين آبين اکين سان مٽيءَ حوالي، وارثن سان رضوي هائوس تي تعزيت جو سلسلو جاري

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جو مشهور ڊاڪٽر سيد حسنين شاهه رضوي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

جمبڙ ۾ بيدي مالڪن پنهنجا دڪان بند ڪري ڇڏيا، مزدور بيروزگار احتجاج

ٽن ڏينهن کان بيدي مالڪن پاران ڦلي ۽ جي خريداري بند ٿيڻ سبب مزدورن جا ٻچا فاقه ڪشي ۾ مبتلا

پوليس ولي دڪاندار ۽ ڪارخاني مالڪن کي سرڪاري اگهه تي خريداري جو پابند بڻائي دڪان کولايا وڃن: پورهيت

جمبڙ (ن م) جمبڙ ٽن ڏينهن کان ڦلي وڪڻندڙن واپارين دوڪاندارن پنهنجا دوڪان بند ڪري ڇڏيا مزدورن کي مزدوري نه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

عوامي شڪايتن ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت تي خيرپور جا 8 پوليس اهلڪار نوڪرين تان برطرف

ايس ايس پي پاران برطرف ڪيل اهلڪارن ۾ محمد جمن، اسد الله مهر، جميل احمد ٽالپر ۽ ٻيا شامل

مون کي ايمانداري سان نوڪري ڪندڙ اهلڪارن جي ضرورت آهي، غفلت برداشت نه ڪندس: ايس ايس پي

سيتارجا (ن م) ايس ايس پي خيرپور ميرس مير روحل خان کوسو عوامي شڪايتن تي ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت ڪرڻ سميت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

سيتارجا پرسان صحافي کان موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦر

هٿياربند صحافي محمد حنيف منگنيجو کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا

ڦر واقعي جي اطلاع ڏيڻ باوجود پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪئي

سيتارجا (ن م) سيتارجا پرسان هنگورجا ٿاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

خيرپور ۽ آس پاس گيسٽرو وڌي ويو، ضابطو نه آيو، وڌيڪ 30 ٻار اسپتال پهتا

خيرپور، پيرپور، ٽنڊومستي، ڳاڙهي موري سميت ٻين علائقن مان 30 کان وڌيڪ ماڻهن کي سول اسپتال آندو ويو

گيسٽرو تي ڪنٽرول نه ٿيڻ ۽ سهولتن جي کوٽ سبب رهواسي سخت پريشان ٿي ويا آهن

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۽ آس پاس گيسٽرو ٿي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

شاهپور چاڪر روڊ تي ريلوي ڦاٽڪ پرسان ڪراچي کان پنجاب ويندڙ مال گاڏي جي لکڙ ۾ عورت ڦاٿي

لکڙ جي نتيجي ۾ عورت جي جسم جا 2 حصا ٿي ويا، اطلاع باوجود ريلوي پوليس نه پهتي

فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، آخري اطلاعن تائين لاش ريلوي پٽڙين تي پيل رهيو

شهدادپور (س ر) شهدادپور لڳ شاهپورچاڪر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

نوشهروفيروز ۾ گندگيءَ جو آزار، رهواسي پريشاني ۾ مبتلا، احتجاج

شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي ستراڻي نه ٿيڻ سبب گٽرن جو پاڻي تلائن جي صورت ۾ بيهجي ويو

گندگيءَ جي آزار خلاف سياسي سماجي ڌرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز شهر گندگي جو ڍير بڻجي ويو، سمورا رستا گندي پاڻي جو تلاءُ بڻيل شهري عذاب ۾ مبتلا ميونسپل چيئرمين، ڪائونسلر ۽ ڊي سي خاموش تماشائي بڻجي ويا، مختلف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر37

لاڙڪاڻي ۾ ايل ڊي اي جي ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن طرفان 40 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36

خانپور مهر ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن سکر جي ٽيم جا عطائي ڊاڪٽرن جي اسپتالن تي ڇاپا

ٽيم عطائي ڊاڪٽرن جي اسپتالن تي ڇاپا هڻي 4 ڪلينڪون سيل ڪري ڇڏيون

سيل ٿيل اسپتالون کولڻ ويون ته عطائي ڊاڪٽرن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي ويندي: ڊپٽي ڊائريڪٽر

خانپورمهر (ن م) خانپورمهر ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن سکر جي ٽيم عطائي ڊاڪٽرن جي اسپتالن ڇاپا هڻي 4 ڪلينڪون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر38

حيدرآباد ۾ آل يوسي ايمپلائيز يونين جي ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

حيدرآباد (چيف رپورٽر) آل يوسي ايمپلائيز يونين ڊسٽرڪٽ حيدرآباد جي ملازمن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35

مشهور راڳي ممتاز مولائي ۽ ٻيا فورٿ ايڊيشنل سيشن جج خيرپور جي عدالت ۾ پيش ٿيا

عدالت وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪري ورتو، ڪنهن به وقت ٻڌايو ويندو

وڪيل ارباب جهانگير انصاري ممتاز مولائي جي خلاف ۽ لفظ ممتاز استعمال خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي استدعا ڪئي هئي

خيرپور (ڊ ر) مشهور راڳي ممتاز مولائي ۽ ٻيا فورٿ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ پيش وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر39

ٺٽي ۾ منگنهار برادري جو انصاف لاءِ احتجاج

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ۾ منگنهار برادري پاران ڪجهه سال اڳ سندن قتل ٿيل عورت جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

ڪنڌڪوٽ ۾ بکري شهر جي رهواسين جو بنيادي سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاج

10 سال گذرڻ باوجود هتان جو عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهي

تعليم، صحت سميت ڪي به سهولتون نه آهن، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ڪنڌيارو (س ر) ڪنڌيارو لڳ بکري شهر بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل بکري شهرين جو بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر40

ڊي سي لاڙڪاڻو پاران ضلعي اندر ڪتائن ۾ وهنجڻ تي 90 ڏينهن لاءِ پابندي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊويزن گهنور علي لغاري لاڙڪاڻي ضلعي اندر رائيس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

جهول ۾ اي سي جا پيڊين تي ڇاپا، ڏنڊ وصول

سرڪاري اگهه تي عمل نه ڪندڙ پيڊين تي ڇاپا هنيا ويا

ڪاٽن فيڪٽرين کي پابند ڪيو وڃي اسان عمل ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: پيڊي مالڪ

جهول (ب ن م) ضلع سانگهڙ جي آبادگارن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڊي سي سانگهڙ AC سنجهورو جهول جي پيڊي وارن ڇاپا ڏنڊ وصول /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر41

حيدرآباد ۾ ڪوٽڙي واسين جو سائيٽ ٿاڻي جي پوليس خلاف احتجاج

حيدرآباد (چيف رپورٽر) ڪوٽڙي بروهي جرنڪ جي رهواسي حبيب الله بروهي ڪالهه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

خيرپور جي عدالت پاران مبينه بانڌي بڻايل 3 ٻارن سميت ڇهن ڄڻن کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم

ٽنڊو مستي ۽ ڪوٽ ڏيجي جي ٿاڻيدارن کي ليٽر جاري ڪيا ويا

مسمات اميران پاران جمع ڪرايل درخواست تي عدالت پاران بازيابي جو حڪم ڏنو ويو

خيرپور (ڊ ر/ ڪرائيم رپورٽر) خيرپور جي فورٿ ايڊيشنل سيشن جج مس ثمينه منگي جي عدالت ٽنڊومستي ڀاءُ پاس پرسان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر42

ٺٽو ۾ رٽائر ملازمن جو حڪومت جي نئين پينشن پاليسي رد ڪندي احتجاج

ٺٽو (ڊ ر) حڪومت پاڪستان پاران نئين پينشن پاليسي 2023 کي رد ڪندي سرڪاري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ميرپورماٿيلو ۾ ايس ٽي پي جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج

ڄام عبدالفتاح سميجو جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس آڏو احتجاج ڪيو ويو

نوٽيس وٺي پاڻي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سيڊا ڊائريڪٽر آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

ميرپور ماٿيلو (ات ر) نرلي مائينر سميت گهوٽڪي ضلعي جي مختلف واهن ۽ شاخن جي پڇاڙي جي آبادگارن کي پاڻي نه ملي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر43

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب لاڙڪاڻو 18 جولاءِ تي ٽريزري آفيس ۾ کليل ڪچهري ڪندو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي خاص هدايتن تي ريجنل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ٽنڊو آدم ۾ ڊيلو مائينر شاخ جي آبادگارن جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج

آبپاشي عملدار هٿرادو وارا بندي ڪندي پاڻي بند ڪري رهيا آهن

هٿرادو پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪري آبادگارن کي وڌيڪ نقصان کان بچايو وڃي: مظاهرين

ٽنڊوآدم (ن م) آبپاشي کاتي سب ڊويزن ٽنڊوآدم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر44

حيدرآباد سول اسپتال جي ايڊمن ڊاڪٽر شوڪت لاکو جي طبيعت خراب

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد سول اسپتال جي ايڊمن ڊاڪٽر شوڪت لاکو جي اوچتو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ميهڙ واسي نوجوان سان پوليس ڪندڙ ڪراچي واسي ڌاري مڙس سان گڏ لاڙڪاڻو پهچي تحفظ جي گهر

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڪراچي جي گلشن حديد جي رهواسڻ ٽاري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ميرپورماٿيلو: پارا برادري جا ماڻهو مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندي

حيدرآباد ۾ رهواسين جو مبينه ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن خلاف احتجاج

حيدرآباد (چيف رپورٽر) حيدرآباد جي رهواسي اعجاز شيخ پنهنجي گهر ڀاتين سميت حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

بقايا 01

آندو پيو وڃي. زراعت اسان جي ڪرنگهي جي هڏي آهي. آبادگار پاڪستان جي زراعت لاءِ رات ڏينهن محنت ڪري رهيا آهن. زراعت جي ترقي لاءِ آبادگارن کي وسيلا ڏيڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته 75 سالن ۾ ڪيترائي ويڙهه آيا ۽ ويا...

بقايا 04

چلي 1

بقايا 08

ٻڌائي جوڳيون هجڻ بابت دليل گهري ورتا آهن درخواست گذارن جي وڪيل موقف ڏنو ته ستار عبدالحميد ۽ ٻيا ملازم 2006 ۽ 2007 ۾ پرائمري ٽيچر جي عهدن تي مقرر ملازمن کي ...

ٻيا آهن محسن عزيز چيو ته گهرو سيڪريٽري جي ته اڄ جي ڪري اسان جي ڪميٽي جي ڪارڪردگي تي اگر ڪجهه رهي آهي ڪنهن کان ٻيو ڪميٽي اجلاس ملتوي ڪيو ويو 1

بقايا 17

حڪومتي دور ۾ عثمان بوزدار تي پئسا وٺي مقررين ڪرڻ جو به الزام آهي. جڏهن ته هو مختلف ڪيسن ۾ نيب سامهون پيش ٿيندو رهيو آهي ۽ هن عدالتن مان ضمانتون به حاصل ڪيون آهن 7

ناميٽيشن فارم ورتا ويندا. وزيراعليٰ جي چونڊ لاءِ پولنگ 13 جولاءِ تي منعقد 12 وڳي اسيمبلي هال ۾ ٿيندي. واضح رهي ته سپريم ايپليٽ ڪورٽ گلگت بلتستان جعلي ڊگري ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف سان تعلق رکندڙ وڏي وزير خالد خورشيد کي نااهل ...

مدي لاءِ فارن ڪرنسي ريٽنگ اپ گريڊ ڪري ڇڏي. هن چيو ته فچ ڊگهي مدي لاءِ ڪرنسي ريٽنگ ايشوز ڊيفالٽ ريٽنگ اي، ڊي آر کان ٽرپل سي ڪري ڇڏي، تازي معاشي بحالي جي سفر ڏانهن اها هڪ هاڪاري خبر آهي. وزيراعظم، حڪومتي اتحادين، معاشي ٽيم ۽ قوم کي مبارڪ ...

آيا سعودي عرب کان ورڪرز روانگي مالي سال 2023 ۾ 17 سيڪڙو گهٽ رهي. سعودي کان مالي سال 2022 ۾ 7.75 ارب ڊالرز جي ورڪرز روانگي آئي هئي. جون 2023 ۾ سعودي عرب مان 515.1 ملين ڊالر برطانيا کان 343.0 ملين ڊالر آيا گڏيل مهيني گڏيل عرب امارات مان 324.7 ملين ڊالر ...

امن هڪ خواب بڻيل آهي. ضلعي اندر بدامني وڌائي جي ذميوار پوليس آهي. سنڌ ۾ ڪو به ماڻهو محفوظ ناهي. اڄ جي سنڌ کي گهرجي ته هو پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي. اڄ جي سنڌ جي دعويٰ آهي ته سنڌ ۾ امن ٿي چڪو آهي جڏهن ته ڪشمور ضلعي ۾ ايس ايڇ او سميت سپاهين کي ...

بقايا 25

ڪلهوڙو بازياب نه ٿي سگهيو. جنهن ڪري يوسي ڪوهارا ۽ يوسي ڪنڌاري جي مختلف برادرين جي چڱن مڙس جو ڳوٺ اچي مسجد ۾ ڪٺ ٿي گذريو ڪٺ ۾ ڪلهوڙا برادري جي چڱن مڙس سان گڏ ٻين قومن جي چڱن مڙسن به شرڪت ڪئي. ڪٺ ۾ سردار ٻالاچ خان شاهاڻي، انور خان شاهاڻي، محمد اسماعيل ڏاڏڻ، علي نواز ٻهن، مير محمد ڪلهوڙو، مير زاهد خان شاهاڻي، صوبيدار ڪولاچي، استاد فتح محمد لانگاهه، علي حسن لانگاهه، محمد يعقوب لانگاهه، عبدالرئوف خان ڪولاچي، مولانا الله ڏنو چنو، حافظ سراج احمد چنا سميت ٻين سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ۾ آيل ماڻهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گهوٽڪي ضلعي ۾ ...

عورتاڻي آواز تي ڳالهائيندي سنڌس ملڻ لاءِ ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ پهتو جتي ڌاڙيلن اغوا ڪري ورتو، جڏهن ته ڌاڙيلن پاران مغوي جي وارثن سان رابطو ڪري نوجوان جي بازيابي لاءِ 50 لک روپيه ڀنگ طلب ڪري ورتو آهي. اغوا ٿيڻ ڪال اچڻ بعد وارث پريشان ٿي ويا آهن. مغوي نوجوان جي وارثن وس وارن سميت سنڌ سرڪار کان مدد جي اپيل ڪئي آهي 7

بقايا 29

جاري آهي جيڪو به ڌوهارين جو ساٿاري هوندو ان کي گرفتار ڪيو ويندو. چار ڏينهن اڳ ڪچي واري علائقي مان ايس ايڇ او گل محمد مهر ۽ اهلڪار نبي داد سميت هڪ مقامي شخص سروس چاچڙ کي اغوا ڪيو ويو هو 7

اعلان

روزانه مهراڻ حيدرآباد پاران مير خان شر ڪي ورڪشاپ لاءِ نمائندو مقرر ڪيو ويو آهي، خبرن اخبار ۽ اشتهارن لاءِ مقرر ڪيل نمائندي سان هيٺ ڏنل موبائل نمبرن تي رابطو ڪندا.

0300-3050717
0345-3744517
مير خان شر نمائندو ورڪشاپ

ادارو